Pinhal Jan
Baloch

# قومي علحدگيءَ جو سوشلسٽ
# جمهوري حق

## ابو جبران

شهيد عبدالرزاق سومرو
پبليڪيشن مورو

# مهاراجا ڏاهر کان

# توڙي ڦاٽڪ تائين

# ڪٽل ڪونڌرن

# جي نالي

مصنف جا حق ۽ واسطا قائم

سال:- ١٩٨٧ع ١ آڪٽوبر

تعداد:- هڪ هزار

**قيمت:- ١٥ روپيه**

ڇپائيندڙ:- **قادر سومرو**

سيڪريٽري شهيد عبدالرزاق سومرو

پبليڪيشن مورو

ڇپيندڙ:-

# فهرست

پيش لفظ

(١) هڪ ليڪچر

قومي سوال بابت

(٢) ضميمو

قومي سوال ۽ جمهوريت:-

اھوئي سبب آھي جو اسين انھيءَ ڳالھہ کي چٽو ۽ واضح ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مارڪسي-ليننيِ دانشور ابو جبران جو قومي آزاديءَ بابت ھيءُ ڪتاب سنڌ جي قوم پرستن ۽ ترقي پسندن جي اڳيان ڇپرائي پڌرو ڪري رھيا آھيون تہ جيئن ان بابت جيڪي بہ مونجھارا پيدا ڪيا ويا آھن. انھن تان پردو کڄي سگھي ۽ نام نھاد مارڪس دانشورن جي پٽ بہ وائکي ٿي پئي جن جي ھيرا ڦيرين ۾ اڄي اسان جا ڪي ڪارڪن قومي خودارادين جي غلط تاويلن جي ور چڙھي ويندا آھن.

پڙھندڙن جي ھمت افزائي رھي تہ ھھڙي قسم جو جديد سائنسي مواد ھن اداري جي طرفان مسلسل ڇپرائبو رھبو ۽ سنڌ جي نئين ذھن کي سنواربو رھبو.

قادر سومرو

# پيش لفظ

(١)

ننڍي کنڊ جي محڪوم قومن جي عوام کي ڪچاڻ ۾ برطانوي سامراج جـــي پنجابي فوج، يو پي، سي-پي جي مسلم نوڪرشاهيءَ جيڪا خدمت انجام ڏنـي هئي انهيءَ جـي عيوضي طور کين مستقل سامراجي مفادن جي تحفظ جي شرط تحفو ڏيڻ ضروري هو. انگريز نـنڍي کنڊ مان ٽپڙ ويڙهڻ کان اڳ پنهنجي وفادار مارشل قوم کي برطانوي سامراج جيڪو تحفو ڏيڻ گهريو ٿي. انهيءَ کي ورهاڱي کانپوءِ پاڪستان جي شڪل ۾ پڌرو ڏيٺو هو. پر جيئن ته ورهاڱي جي محرڪ قوت اصل ۾ يو پي-سي پي ۽ پنجاب جي سامراج نـواز مسلم سرمائيدارن ۽ جاگيردارن جـا مستقل مفاد هئا. جن کي پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کانپـوءِ مستقل طور پنجابي مستقل مفادن ۾ بدلايو ويو آهي.

انگريز ورهاڱي جي تحريڪ ۾ يو پي-سي پي ۽ پنجاب جو سامراج نواز مسلم جاگيردار ۽ سرمائيدار نه رڳـو اڳيان اڳيان هئو. پر انهيءَ تحريڪ جي اڳواڻي به ڪري رهيو هو. جنهن ۾ مسلم سرمائيدارن ۽ جاگيردارن ۽ سامراج جا مستقل مفاد پاڻ ۾ سلهاڙيل هئا.

اهوئي سبب آهي جو عالمي سامراج پاڪستان جي ٺهڻ جي پهرين ڏينهن کان ئي پنجابي فوج تي اعتماد ڪرڻ شروع ڪيو آهي ۽ ايشيا ۾ ان کي هڪ مڪمل سامراج نـواز اداري ۾ تبديل ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيو آهي، جنهن ۾

جمهوري حق جي صورت ۾ نہ ٿو ڏسي، اهو حقيقت ۾ مارڪسي ئي نہ آهي پر هڪ اهڙو سوشل شاونسٽ آهي، جيڪو طبقاتي سوال سان لاڳاپيل ٻين سمورن مسئلن کي رڳو ان ڪري نہ ٿو قبولي جو اهي سندس ذهني شاونزم جي خلاف آهن.

( ٤ )

پاڪستاني ڪميونسٽ تحريڪ، پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ ٿوري وقت جي لاءِ جيتوڻيڪ ٿورو گهڻو حقيقي ترقي پسند رول ادا ڪيو آهي پر ان ڪانپوءِ ان جي بيهڪ بلڪل نڪمي ۽ غير تاريخي رهي آهي ڇاڪاڻ تہ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ قومي استحصال وارو تضاد هڪدم پنهنجي اصل شڪل ۾ اپري ڪونہ آيو هو جيتوڻيڪ قومي استحصال پاڪستان ٺهڻ سان ئي شروع ٿي ويو هو پر انهيءَ استحصال جو احساس سٺ واري ڏهاڪي ڪانپوءِ ظاهر ٿيو آهي ۽ جيئن ئي قومي استحصال جي تضاد پنهنجي اصل شڪل ظاهر ڪرڻ شروع ڪئي آهي تيئن ئي پاڪستان پرست سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ تحريڪ محڪوم قومن جي جمهوري حقن سان غداريءَ جي ڪري ڪوڙو نہ پاريو آهي ڇاڪاڻ جو جيستائين قومي جبر وارو تضاد پنهنجي اصل شڪل ۾ ظاهر ڪونہ ٿيو هو تيستائين تہ اها سياست ٿي پئي سگهي، جيڪا اڄ بہ موقع پرست پاڪستاني سوشلسٽ ڪري رهيا آهن پر ان ڪانپوءِ جيئن تہ قومي جبر جي تاريخي تضاد ۾ ڦيرو آيو آهي تہ سياست ۾ بہ ڦيرو اچڻ گهرجي ها، پر پاڪستان پرست ترقي پسند قوت پنهن جي قومي بالادستيءَ کي بحال رکڻ لاءِ محڪوم قومن جي جمهوري ۽ تاريخي سياست کان بنهہ اکيون پوري ورتيون آهن. جنهن ڪري سٺ

ساسراج نواز رجعت پرست استحصالي قوتن جي خلاف انقلابين
کي جنگ ڪرڻي آهي، پر ترقي پسند مارڪسي فڪر جي
ماڻهن کان محڪوم قومن جي آزاديءَ لاءِ حمايت حاصل
ڪرڻي آهي- انهيءَ ڪري مارڪسي ليننيءَ نقطي نظر هيٺ
بحث مباحثن ۽ چنڊ ڇاڻ ذريعي هڪ ٻئي کي سمجهڻو ۽
سمجهائڻو آهي- ۽ انهيءَ سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ ئي اهڙا بحث
۽ مباحثا ضروري آهن- محڪوم قومن جي قومي آزاديءَ جي
حمايت حاڪم قوم جي حقيقي ترقي پسند ۽ مارڪسواد
انقلابين کان حاصل ڪرڻي آهي- پر جي اهيا حمايت نه ٿا
ڪن يا ان لاءِ جدوجهد نه ٿا ڪن- پوءِ انهن کي ڏسي ۽
پرکي چوڻو آهي- ته آيا اهي سچا پڪا مارڪسٽ ۽ سوشلسٽ
آهن به يا ڪونه آهن- جي آهن ته پوءِ ڪين محڪوم قومن
جي آزاديءَ لاءِ محڪوم قومن جي عوام سان گڏجي، پنجابي
حڪمران طبقي جي خلاف جنگ ڪرڻي آهي- ۽ اهيو انهن
جو تاريخي فرض آهي- ورنه تاريخ ڪنهن ڏي واجهائيندي ڪانه
آهي- بلڪه تاريخ پنهنجو فيصلو پاڻ ڪندي آهي-

(١)

چيو وڃي ٿو ته: "هڪ اهڙي گڏيل قومي رياست، جنهن ۾ اقتدار اعليٰ جو مالڪ عوام نه هجي ۽ جيڪا رياست سامراج جي جديد پيداوار به هجي. ڪهڙي طرح به عوام کي جمهوري حق نٿي ڏئي سگهي. انڪري اهڙي رياست ۾ قومن جي برابري جا جمهوري حق به ماڻي نٿا سگهن."

اهوئي سبب آهي جو مارڪسواد انقلابي اهڙيءَ جبر پسند رياست ۾ جڏهن پڻ جمهوري حقن لاءِ وڙهندا آهن، تيئن قومن جي برابري واري جمهوري حق لاءِ به وڙهندا آهن ۽ قومن جي برابري وارو جمهوري حق رڳو سياسي آزادي يعني علحدگي جو جمهوري حق آهي. جيڪو مارڪسواد انقلابي محڪوم قومن جي علحدگي جي جمهوري حق لاءِ پڻ جمهوري حقن وانگر نٿو وڙهي.

اهو حقيقت ۾ نه انقلابي، نه سوشلسٽ ۽ نه ڪميونسٽ چوائڻ جو حقدار آهي. ڇاڪاڻ جو ڪيس سڀ کان اڳي جمهوريت پسند ٿيڻو آهي ۽ غير جمهوري داخليت جي خلاف ويڙهه ڪرڻي آهي. جيڪا داخليت سنڌس من جي اندر سماجي شاونزم جي شڪل ۾ مابعد الطبيعات جو سنڌ منڊيو وڌي هوندي آهي.

اسان جو چوڻ آهي ته جئين ملڪ اندر هلندڙ سامراج دشمن جمهوري جدوجهد، پڻ جمهوري جدوجهد کان جدا يا الڳ نه آهي. تيئن قومن جي برابري واري جمهوري جنگ به سامراج دشمن جمهوري

(۲)

ڇو وچي تو ته! پنجابي قوم جي سوشلسٽ ۽ ترقي پسند قوتن ۽ پورهيت طبقي کي سنڌ ۽ ٻين محڪوم قومن جي قومي آزاديءَ جي حمايت رکڻو تڏهن ڪرڻي آهي، جڏهن سنڌ ۽ ٻين محڪوم قومن جي قومي آزاديءَ جي تحريڪ کي سنڌن مزدور طبقي جي اڳواڻيءَ ۾ هلايو ويندو!

جڏهن ته اسانجو چوڻ آهي ته مارڪسي ـ ليننني بين الاقواميت جو اهو اصول رکڻو هڪ اهڙيءَ رياست سان لاڳو ٿيڻو آهي - جيڪا مزدور طبقي جي حڪمرانيءَ هيٺ هوندي آهي يعني هڪ اهڙي رياست جيڪا پورهيت راڄ [پرولتاري آمريت] هيٺ سوشلزم جي اڏاوت ۾ مصروف هوندي آهي -

جي ڪا قوم هڪ اهڙيءَ پورهيت راڄ واري رياست کان علحدگيءَ جو جمهوري حق، سياسي آزاديءَ جي صورت ۾ استعمال ڪرڻ گهرندي آهي ته اهو حق انهيءَ قوم کي ان قوم جي پورهيت طبقي ”پورهيت پارٽي“ جي گهر هيٺ ئي ڏئي سگهبو آهي - ڇاڪاڻ ته پورهيت راڄ [پرولتاري آمريت] هيٺ، قومن پنهنجا جمهوري حق [جنهن ۾ علحدگيءَ جو حق ٻه شامل هوندو آهي -] پاڻ وٽ مشروط محفوظ هئڻ جو حق رکندي، رضاڪارانه طور سوشلسٽ رياست کي منتقل ڪنديون آهن - ان ڪري قومن جي برابريءَ وارا اهي رضاڪارانه مشروط منتقل ٿيل حق رکڻو اهي پورهيت پارٽيون ئي واپس وٺي سگهنديون آهن - جيڪي انهن جمهوري حقن کي پنهنجي مجموعي عوام جي مرضيءَ هيٺ رضاڪارانه طور منتقل ڪرڻ جون مجاز هونديون آهن - پر هڪ اهڙي غير جمهوري ۽ جبر پسند رياست جنهن هيٺ قومن جي برابريءَ وارا جمهوري حق ڪسيل هوندا آهن - ۽ هر جبر پسند رياست، جيئن ته استحصالي طبقي جي

ڪابہ هڪ نہ ٿي ٿئي تہ اهي اصل ۾ سامراج پرست بورزوازي ۽ جاگيردار طبقي ۽ رت پياڪ فوجي ٽولي جا پيچ لٽڪائو آهن- جيئن لينن چيو آهي تہ- "جيڪو سوشلسٽ محڪوم قومن جي الڳ ٿيڻ واري جمهوري حق کي وات سان تہ تسليم ڪري ٿو پر ان لاءِ عملي طرح ويڙهہ نہ ٿو ڪري- اهو حقيقت ۾ زار شاهيءَ جو دلال ۽ سامراجي آهي"- (٣)

اصل ۾ پاڪستاني ڪميونسٽ تحريڪ تي قابض حاڪم قوم جي سوشل شاونسٽن کي خبر ئي ڪانهي تہ ڪهڙين تاريخي، سياسي ۽ سماجي حالتن هيٺ قومي تحريڪن جي حمايت ڪرڻي آهي ۽ ڪهڙين ۾ مخالفت ڪرڻي آهي، چوڻ جو مطلب آهي تہ هڪ سامراج دشمن قومي جمهوري رياست توڙي پورهيت راڄ واريءَ رياست ۾ جڏهن بہ ڪي سامراج نواز استحصالي طاقتون نام نهاد علحدگيءَ جون تحريڪون هلائينديون آهن، تڏهن اهڙيون تحريڪون عوام دشمن هونديون آهن. پر جڏهن هڪ سامراج نواز رياست ۾، سامراج دشمن [چاڪاڻ تہ هر سامراج نواز رياست ۾ قومي تحريڪون لازمي طرح سامراج دشمن ئي ٿيون آهن] قومي تحريڪون اڀرنديون آهن تڏهن قومي تحريڪون جمهوريت پسند، ترقي پسند ۽ بين الاقواميت پسند هونديون آهن. ۽ اهڙين تحريڪن جي سوشلسٽن کي هر صورت ۾ حمايت ڪرڻي آهي.

مطلب تہ هڪ سامراج دشمن انقلابي جمهوري رياست ۾ قومن کي جيئن تہ برابريءَ وارا جمهوري حق [جن ۾ علحدگيءَ جو جمهوري حق بہ شامل هوندو آهي] مليل هوندا آهن ان ڪري اهڙيءَ رياست ۾ قومي تحريڪون پورهيت طبقي

---

(٣) لينن - قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو ۽ "قوميت جي خود اختياريءَ جو حق" صفحہ - ١٨٤.

جي مفادن وٽان نہ پر ڦورو طبقي جي طبقاتي مفادن وٽان هلنديون آهن. ڇاڪاڻ جو هڪ سامراج دشمن پورهيت رياست جيئن تہ ڦورو طبقي جي طبقاتي مفادن جي خلاف ڪم ڪندي آهي، ان ڪري ڦورو طبقو پنهنجن طبقاتي مفادن جي بحاليءَ لاءِ عليحدگيءَ جي تحريڪن جي دعوا ڪندو آهي جڏهن تہ هڪ طبقاتي استحصال تي ٻڌل رياست ۾ استحصالي طبقي جا طبقاتي مفاد بنا ڪنهن تفريق جي غير مشروط محفوظ هوندا آهن. جنهن ڪري طبقاتي استحصال تي ٻڌل رياست ۾ استحصالي طبقن جي طرفان قومي عليحدگيءَ جي جمهوري حق جي جدوجهد هلائڻ جو سوال بنهہ گهٽ پيدا ٿيندو آهي.

اهوئي سبب آهي جو هڪ سامراج دشمن پورهيت رياست ۾ ڦورو طبقن جي طرفان هلايل نام نهاد عليحدگيءَ جي تحريڪن جي عالمي سامراجي قوت ڪان ئي حمايت [جيئن افغانستان ۾ مجاهدن جي پنيرائي ۽ هندستان ۾ خالصتان تحريڪ لاءِ حمايت] حاصل ڪئي ويندي آهي. جيڪا پورهيت عوام جي خلاف استعمال ٿيندي آهي. اهڙيءَ صورت ۾ انقلابي رياست تي قابض پورهيت طبقي جي طبقاتي مفادن جي نگهبان پورهيت پارٽي، سامراج نواز استحصالي قوتن کي اهڙي اجازت ڪڏهن بہ نہ ڏيندي آهي، جنهن تحت استحصالي طبقو پنهنجن مخصوص طبقاتي استحصالي مفادن جي بحاليءَ لاءِ نام نهاد عليحدگيءَ جون تحريڪون هلائيندو آهي. ۽ عوام کان ”قومي خود اختياريءَ جو جمهوري حق“ کسرائي واپس عالمي سامراج جي حوالي ڪندو آهي.

پر هڪ پورهيت رياست ڪان، پورهيت طبقو، جنهن جي نمائندگي پورهيت پارٽي ڪندي آهي ”قومي خود اختياريءَ جي جمهوري حق“ جي جڏهن بہ گهر ڪندو آهي تڏهن اهو

"قومي خود اختياريءَ جو جمهوري حق" ڏيٺو پوندو آهي ٻيءَ صورت ۾ پورهيت رياست، پورهيت رياست نہ رهندي آهي. پر فرض ڪجي ٿو تہ اهو علحدگيءَ جو حق پورهيت رياست کان جمهوريت پسند پورهيت عوام جي جاءِ تي سامراج نواز ڏورو طبقي جي آمريت قائم ڪرڻ لاءِ گهريو وڃي ٿو. تہ پوءِ پورهيت جمهوري رياست تي فرض ٿو عائد ٿئي تہ اها عوام جي انهيءَ جمهوري حق جي حفاظت ۽ بچاءُ ڪري جيڪو جمهوري حق پورهيت طبقي مشروط رضاڪارانہ طور پنهنجيءَ برادر پورهيت جمهوري رياست کي منتقل ڪيو هوندو آهي.

(٣)

پاڪستان جو موجوده سرمائيدار طبقو جمهوريت پسند ان کري بہ ٿي نٿو سگهي، جو اهو ووٽ جي ذريعي اسيمبليءَ ۾ اچي نٿو سگهي. ڇاڪاڻ جو هو غير مقامي سرمائيدار آهي ۽ کيس مقامي ماڻهن جي طرفان ووٽ ملي نٿو سگهي. ان ڪري ٿئي ڇا ٿو جو اهو غير مقامي سرمائيدار ملڪ جي اسيمبليءَ ۾ اچي سڌي سنئين بورزوا جمهوريت جي اڳواڻي ڪرڻ جي بجاءِ مقامي جاگيردار ۽ زميندار کي، اقتدار ۾ شريڪ ٿو ڪري ۽ اهڙيءَ طرح کيس چونڊرائي، نام نهاد اسيمبليءَ ۾ وڏاري طاقت پاڻ وٽ رکي، پنهنجو گڏو ڪري هلائي ٿو ۽ پاڻ عالمي سامراج جي گماشتي جي حيثيت ۾ فوج جي ڇٽيءَ هيٺ حڪومت ڪندو رهي ٿو.

جيئن تہ ملڪي معيشت تي غير مقامي سرمائيدر قابض آهي. ان ڪري رياست تي حڪمراني بہ [ڪاموڙڪي سرمائيداري سان سلهاڙجي] سرمائيدار ڪري ٿو. ۽ عوامي طاقت کي قبضي ۾ ڪرڻ لاءِ مقامي جاگيردار ۽ زميندار کي استعمال ڪري ٿو

ان ڪري پنجاب ۾ ڪثير تعداد ۾ هڪ قسم جو رعايت يافته
خوشحال پيٽي بورزوا طبقو پيدا ٿي پيو آهي ۽ انهيءَ ڪثـــير
تعداد رعايته يافته پيٽي بورزوا طبقي جي خوشحاليءَ ۾ محڪوم
قومن جي مادي وسيلن جي ڦرلٽ جي ذريعي ڏينهون ڏينهن ۽
جيئن پوءِ تيئن اضافو ٿي رهيو آهي- جنهن جو نتيجو اهو نڪتو
آهي، جو اهو مخصوص امتيازي حق حاصل ڪندڙ پيٽي بورزوا
طبقو جيئن پوءِ تيئن رجعت پرست لاڙن ڏانهن وڌي رهيو آهي-
جنهن ڳالهه جي ڪامريڊ لينن نشاندهي ڪندي چيو آهي ته!
"مظلوم ۽ محڪوم قومن جي ڦرمار تي ظالم ۽ حاڪم قوم
جي ماڻهن ۾ رجعت پرستي وڌندي ۽ ويجهندي آهي- (۴)

ڪامريڊ لينن جي هن مقولي جي روشنيءَ ۾ ڏٺو ويـــو
آهي ته هن ملڪ جي ننڍين قومن خاص ڪري سنڌي قوم جي
جارحانه ڦرمار تي پنجابي قوم ۾ اجتماعي نموني رجعت پرستـــي
جيئن پوءِ تيئن وڌندي، ويجهندي ۽ سامراج دوست ٿيندي رهي
ٿي- هيءَ رجعت پرستي ۽ سامراج دوستي پنجاب جي پنهين حصن
۾ قومي شڪل ۾ شاونسٽ ۽ تنگ نظر قوم پرستيءَ ۾ تبديل
ٿي رهيو آهي-

---

(۴) لينن - "قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو ۽ قومن جي خـود
اختياريءَ جو حق" صفحه - ۹۸ - ۹۹

ڏنو ويو آهي ته پنجابي قوم جي طرفان هتي جو مظلوم ۽ محڪوم قومن جي جارحانه ڦرمار جي موٽ ۾ محڪوم قومن جي مجموعي عوام ۾ قوم پرست، جمهوريت پسند، ترقي پسند ۽ سامراج دشمن شعور وڌندو ويجهندو ۽ پختو ٿيندو رهي ٿو. ايتري قدر جو عام ماڻهن کان سواءِ سنڌي مذهبي جماعتن ۾ به وڏي حد تائين سامراج دشمنيءَ جا لاڙا موجود آهن. جنهن جي ڪري هڪ پاسي پنجابي قوم جي مجموعي عوام ۾ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ سامراج نواز رجعت پرستي اجتماعي شعور جي شڪل اختيار ڪندي رهي ٿي ته ٻئي پاسي محڪوم ۽ مظلوم قومن، خاص ڪري سنڌي قوم جي مجموعي عوام ۾ سامراج دشمن ۽ ترقي پسند سوچ جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ اجتماعي شعور جي شڪل اختيار ڪندي رهي ٿي. جيڪا ڳالهه حاڪم ۽ محڪوم قومن ۾ هڪ ٻئي جي خلاف تضاد ۽ ٽڪراءَ واريءَ صورت حال کي پيدا ڪري رهي آهي. ممڪن آهي ته اهڙا ٽڪراءَ واري صورت حال اڳتي هلي مظلوم قومن ۾ ڪنهن وڏي سامراج دشمن انقلاب کي برپا ڪري وجهي.

ان کان اڳ عالمي سامراج ۽ ان جي ڏيهي دلال ڦورو طاقتن محڪوم قومن جي سامراج دشمن شعور کي سامراج دوست شعور ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ يا محڪوم قومن جي اڀرندڙ جمهوريت پسند ۽ ترقي پسند قومي آزاديءَ جي شعور کي مجموعي پنجابي شعور جي سطح مطابق بيهارڻ لاءِ پاڻ ۾ اتحاد قائم ڪري ورتو آهي، جنهن لاءِ محڪوم قومن جي قومي

۽ نه مظلوم هوندي آهي- ظالم ۽ مظلوم جو تصور رڳو طبقاتي سماج ۾ موجود هوندو آهي ان ڪري ظالم ۽ مظلوم طبقو. توڙي ظالم ۽ مظلوم قومون به طبقاتي رياست ۾ موجود هونديون آهن-

رڳو اهو نه پر اهو به چيو وڃي ٿو ته پنجابي قوم ظالم ڪانهي، پر هتي به سوال ٿو اٿي ته ظالم قوم ڇا کي چئبو آهي- جيڪا قوم ٻين قومن جا جمهوري حق غصب ڪندي آهي- انهيءَ کي ظالم قوم چئبو آهي. ۽ اهي جمهوري حق انهيءَ قوم جو حڪمران طبقو غصب ڪندو آهي- پنجابي قوم ۾ اهي سموريون خاصيتون موجود آهن- جيڪي هڪ ظالم ۽ جابر قوم ۾ هئڻ گهرجن- ڇاڪاڻ ته دنيا ۾ اهڙيون تمام ٿوريون قومون آهن- جن محڪوم قومن جا ڏيهه ڏيهه لک ماڻهو ماريا هجن ۽ لکن جي تعداد ۾ عورتن سان زنا بالجبر ڪيو هجي- پر پنجابي قوم مثالي ظالم قوم آهي- جنهنجي حڪمران طبقي پنهنجا هم مذهب ڏيهه لک ماڻهو ماريا آهن لکين مسلمان عورتن سان زنا بالجبر ڪيو آهي- چاليهه هزار بلوچ عوام کي ماريو آهي ۽ سوين هزارين سنڌين، پختونن ۽ ٻين مظلوم قومن جي ماڻهن کي اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ گولين جو بک بڻايو آهي انهيءَ ڪري اسان جي دعوا آهي ته پنجابي ظالم ۽ جابر قوم آهي.

اهڙي طرح قوم پرستن جا به مختلف قسم آهن- جن ۾ هڪڙيون غير جمهوري ۽ ٻيون جمهوري قوم پرستيون ٿينديون آهن- ۽ جيئن ته غير جمهوري قوم پرستي ٻين قومن جا جمهوري حق [جنهن ۾ علحدگيءَ جو حق به غصب ٿيل هوندو آهي] غصب ڪندي آهي ان ڪري اهڙي قوم پرستي رجعت پرست ۽ سامراجنواز هوندي آهي- جيئن پاڪستاني قوم پرستيءَ هيٺ پنجابي قوم هتي جي مڙني مظلوم قومن جا جمهوري حق غصب ڪيو ويٺي آهي- پر جمهوري قوم پرستي انهيءَ کي چئبو آهي-

حقن جي جدوجهد کي تيز ڪرڻ ضروري آهي ۽ جيڪي ڌريون يا پارٽيون محڪوم قومن جي حقن جي بحالي لاءِ وڙهي رهيون آهن، انهن جي هر صورت ۾ غير مشروط حمايت ڪرڻ گهرجي ٻيءَ صورت ۾ اسان جو عمل جمهوريت مخالف ۽ انقلاب دشمن ٿي پوندو، ڇاڪاڻ ته سنڌي عوام جي موجوده جمهوري جدوجهد انقلابي جدوجهد ۾ داخل ٿي وئي آهي، جنهن جي ڪري سنڌ جي جمهوري حقن جي جدوجهد ۽ انقلابي جدوجهد هڪ ٻئي جو لازم ۽ ملزوم ٿي پئي آهي.

جيئن ته محڪوم قومن جي جمهوري حقن جي جدوجهد سندن تاريخي عمل يعني سندن تخليقي وجود جي ارتقاءَ جي بحاليءَ جي جدوجهد آهي، ان ڪري تاريخي عمل جي ارتقا جي مخالفت تاريخ جي منڪر قوتن جي حمايت ۾ وڃي ٿي آهي. اهو ان ڪري جو پاڪستاني رياست اندر محڪوم قومن جي پورهيت عوام کي سندن حياتياتي عمل کان بيدخل ڪيو ويو آهي جنهنڪري محڪوم قومن جو پورهيت عوام پنهنجي حياتياتي عمل يعني ”تخليقي وجود جي ارتقا جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي اهڙيءَ صورت حال ۾ جيڪڏهن ڪو نام نهاد اشتراڪيت پسند محڪوم قومن جي پورهيت عوام جي تاريخي عمل جي ارتقا“ جي بحاليءَ جي جدوجهد ۾ شريڪ نٿو ٿئي ته پوءِ اهو تاريخي عمل جي ٿي خلاف ورزي ٿو ڪري ۽ اهڙيءَ طرح سامراج نواز استحصالي ٽولي جي سازش جو شڪار ٿئي ٿو.

ڇاڪاڻ جو ايوبي دور ۾ ان کان پوءِ هڪ سٽيل سازش هيٺ پنجاب جي جاگيردار رشتن مان آزاد ٿيل هاري پيداوار قوت جي هڪ وڏي تعداد کي خاص ڪري سنڌ ۾ ڪارخانه وجهرائي جديد صنعتي مزدور ۾ تبديل ڪيو ويو آهي ۽ سنڌ ۾ هاڻي جڏهن جاگيردار رشتن پنهنجي فطري موت مري

۾ هن جا مت مائٽ به گهرڻ مان ڪڍي ڇڏيندا
۽ پوليس جي حوالي ڪندا آهن. ان ڪري اسان کي
پنجاب ۾ محڪوم قومن جي جمهوري حقن جي حمايت ڪرڻ
لاءِ ڪوبه سماجي تحفظ نه آهي."

جڏهن هن رياست جي تاريخي صورت حال اهڙي وڃي
بيٺي آهي جو اڪثريتي حاڪم قوم جي اڪثريتي عوام، محڪوم
قومن کي تاريخي طور تباهه ڪرڻ تي سندرو ٻڌي بيٺو آهي
ته پوءِ اسان ترقي پسند ڌرين کي رياست جي بچاءَ طور ان
جي پيچ ۾ لٽڪڻو ڪونه آهي پر محڪوم قومن جي قومي
آزاديءَ جي جمهوري حقن لاءِ جدوجهد کي وڌائڻو آهي. هن
صورت ۾ تاريخي ضرورت جي فرض جو منڪر ٿيڻو آهي ۽ تاريخ
ڪنهن جي منهن ڏي نه ڏسندي آهي بلڪ تاريخ پنهنجيءَ
مخالف قوت کي اهڙي ته سيکت ڏيندي آهي جو اها تاريخي
وهڪري ڪنان ڪنجي پنهنجي موت مري ويندي آهي.

# ڀلنامو

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ٣ | ٢ | فوج يوپي-سي پي- | فوج ۽ يوپي-سي پي |
| ٣ | ٤ | شرط تحفو | شرط تي تحفو |
| ٥ | ٦ | پاڪستان جي | پر پاڪستان جي |
| ٥ | ١٥ | موجود آهيون | موجود هيون |
| ٦ | ٣ | آزادي | آزاديءَ جي |
| ٦ | ١٠ | هو | هر |
| ٧ | آخري سٽ | ۽ اسان طبقاتي تضاد کي اهميت | ............ |
| ١٠ | ٥ | سنڌ کان وٺي | سُنڌ کان وٺي |
| ١٠ | ١٣ | هو اڇا | هر اها |
| ١١ | ٤ | سگهنديون | نه سگهنديون |
| ١٤ | ١٥ | ............ | ۽ جي طبقاتي تضاد کي نه قبوليو نه قومي تضاد حل نه ٿيندو. |
| ١٦ | ٩ | جي اها | جي آهي اها |
| ١٨ | ٥ | نه | ...... |
| ١٨ | ١٢ | هم | هر |
| ١٩ | ٤ | حق بلڪل | حق جي بلڪل |
| ٢٠ | ٢٣-٢٤ | جمهوريت پسند ۽ قومپرست | جمهوريت پسند |
| ٢٣ | ١٦ | قومن | قومون |
| ٢٩ | ٦ | رڳو | نه رڳو |
| ٣١ | ١٢ | جنهن وقت | جنهن تحت |

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
| --- | --- | --- | --- |
| ٣٢ | ١٨ | فوج ئي | فوج ئي اقتدار تي |
| ٣٢ | ٢٠ | پنجابي فوج | پنجابي فوج جا چنبا |
| ٣٥ | ١ | (٤) | (١) (ٽئين سر باب جي شروعات |
| ٣٦ | ٥ | ڏني وئي آهي | ڏني آهي |
| ٣٦ | ٢٣ | ڪئي هئي | ڪئي آهي |
| ٣٧ | ٦ | دشمن | سامراج-دشمن |
| ٣٧ | ١٧ | پنجابي سامراج دوست | پنجابي ماڻهوءَ جي سامراج دوست |
| ٤٠ | ٣ | (٥) | (٦) |
| ٤٠ | ٦٠ | ڪنديون | ڪنديون آهن |
| ٤٧ | .... | ............... | (ڪنفيڊرل حمايت سنگت طرفان ڪوٺايل مذاڪري ۾ پڙهيل مقالو |
| ٤٨ | آخري سٽ | حڪمران قوم | پنهنجي حڪمران قوم |
| ٤٩ | ٩ | ترانشڪائي | ٽرانسڪائي |
| ٤٩ | ١٠ | دوهي | روسي |
| ٥٦ | ١٠ | پن | پنهنجي |
| ٥٨ | ٢٦ | لاءِ زباني نه پر عملي جدوجهد ڪري ٿو | ڪي زباني مچي ٿو پر عملي جدوجهد نٿو ڪري |
| ٥٨ | ٥ | يا لاءِ | ........... |
| ٥٨ | ١٦ | عوام نه اهڙو | عوام ۾ اهڙو |
| ٥٩ | ٣ | عوام نه | عوام ۾ |